سوال ۱
جواب

## (الف) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

سنڌي ٻولي ڪيترن ئي عالمن ۽ اديبن سان ڀرپور آهي جن پنهنجي زندگي سنڌي ٻولي جي ترقي ڏيارڻ ۾ گذاري ڇڏي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ به انهن عالمن ۽ اديبن مان هڪ آهي. ڊاڪٽر نبي بخش لغاري بلوچ ڪنهن به تعارف جو محتاج ڪونهي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڪاڏي ئي ادبي ڪمن ۽ سرگرمين ۾ تمام تيز رهيو آهي. سنڌي ادب لوڪ سرمائي ادب جي گڏ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. خاص طور تي سنڌي ادب جو سرمايو جيڪو اڄ به ڪتابي صورت ۾ محفوظ آهي. جيڪا هن جي جفاڪشي ۽ محنت جو نتيجو آهي. ڊاڪٽر صاحب سنڌي ادب، تاريخ، ثقافت ۽ آثار قديمه جي مختلف پهلوئن تي پنهنجي قابليت سان اجاگر ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب سنڌي ادبي بورڊ جي ڪافي 40 جلدن ۾ سهڙي مڪمل ڪيو ان سان گڏ مقالا، مضمون ۽ ڪتابن جو ڪافي ئي ڪونهي. ڪيترن شاعرن جي ڪلام تي مقالا ۽ حاشين سان ايڊٽ ڪيو اٿس جيئن حمل فقير جو ڪلام. نواب ولي محمد لطف الله قادري جو ڪلام وغيره. ڊاڪٽر صاحب لسانيات جو به ماهر آهي. سنڌي ٻولي لاءِ سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ، سنڌي جامع لغات سنڌي اردو لغت، اردو سنڌي لغت، شاه جو

رسالو ڪڍڻ لڳا ۽ بهرحال واحد بلوچ اهڙيءَ
سنڌي ادب آهي هي صاحب نگران دور ۾ وڏيڙ
مقام تي رهيو.

## (ب) مرزا قليچ بيگ

مرزا قليچ بيگ مرحوم 1853ع ۾ ٽنڊي ٺوڙهي ۾ پيدا ٿيو. مرزا صاحب ايلفنسٽن ڪاليج بمبئي مان بي اي ڪيائين پر بي اي جي آخري سال ۾ فيل ٿي پيو سنڌ ۾ واپس اچي مختيارڪار ٿيو ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رٽائر ٿيائين.

مرزا صاحب انگريزي، فارسي ۽ عربي جو وڏو عالم هو سندس مطالعو تمام وسيع هو. مرزا صاحب سنڌي ادب لاءِ جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون اهي مرزا صاحب کي سنڌي ادب ۾ هميشه زنده جاويد رکنديون.
مرزا صاحب تقريبن 400 کن ڪتاب لکيا جن ۾ گهڻا ئي ترجمن جي آهي. سندس تمرين ادب جي هر صنف تي لکيو. ادب کان علاوه سائنس باغباني، ۽ صحت وغيره تي به پنهنجي قلم جا جلوه ڏيکاريائين هتي سندس تصنيفات جو مختصر جائزو ورتو وڃي ٿو.

(1) ناول

جڏهن به سنڌي ناول جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو ته سندس ناول "زينت" جو ذڪر ضرور ٿيئي ٿو. مرزا صاحب پهريون ناول 1888ع ۾ دلارام جي نالي سان لکيو. سنڌي ادب ۾ هي سندس

پڇڙيون طبعي ناول هو سن کان بين ٻولين مان
ترجمو ٿيل ناول ڇپيا هئا. سن ۾ ۱ ملوڪن
ناولن کان علاوه ڪيترائي ناول انگريزي مان
ترجمو ڪيا. مثلاً "عمل جي لوڙهي"، سچي محبت
ڪمپور جو سفر جن هتي ۾ شامل آهن.

۲) ڊرامه

سنڌي ٻولي ۾ ڊرامه نويسي جي شروعات به مرزا
قليچ بيگ کان ٿئي ٿي. پاڻ جن 1880ع ۾ هڪ
ڊرامو ليلا مجنون جي نالي سان لکيائون
مرزا صاحب اصلوڪن کان ڪيترائي ڊرامه ترجمو
ڪيا جن ۾ شيڪسپيئر جا ڊرامه مثلاً مرچنٽ
آف وينس "حسنا دلدار" جي نالي سان، سمبلائين
شمشاد، مرجان جي نالي سان لکيائون

۳) شاعري

مرزا صاحب شروعات کان نظم ۾ به طبع آزمائي
ڪئي. شاعري تي مشتمل ڇهيتان ڪتاب سندس
ذهني ۲۳ ام جو نتيجو آهن.

۱) سوداءِ خام ② رباعيات عمر خيام
۳) ديوان قليچ ④ اهله مادح ⑤ شڪوي ڪشف
اعجاز

مرزا صاحب جي شاعري گهڻو ڪري علم عروض جي
ٻهر وزن مطابق هئي. سن شاعري ۾ انساني
هستي ۽ عظمت جو ذڪر ڪيو جيئن

"وڃ اها ۾ سنه جا تيا زير دست
سڀئي سڀ تجلين، آيان تيا هوا

مشڪل ۾ پوڻو نه، آسان ۾ مشڪل ۾ پوي ٿو
پاڻ اندر ٺيٺ سان، درياء جو ڏپ لهي ٿو.

س) مختلف موضوع

مرزا صاحب مختلف موضوعن تي ٻه لکيو ۽ ڪو اهڙو موضوع نه ڇڏيائين جنهن جي سنڌي ادب کي وقت سخت ضرورت هئي. مختلف موضوعن تي سندس ڪجهه ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا

1) آزار مان آرام 2) باغ ۽ باغباني
3) حشرات الارض 4) ماجسٽري مان طاقتمندي

مرزا صاحب جي سڀني ڪمن ۾ اها ڪوشش رهي هئي ته سنڌي ادب ۾ هر موضوع تي ڪتابن جي کوٽ کي پورو ڪري، انهي لاءِ هن تقريبن سڀني موضوعن تي ڪتاب لکيا ۽ ترجما ڪيا. انهن سندس سخت محنت، هوش وحواس، ادبي ذوق ۽ سنڌي ٻولي ۾ اهڙي سان دلچسپي جو نتيجو آهي جو اڄ تائين ڪو به عالم مرزا صاحب جهڙا ڪتاب نه لکي سگهيو آهي. سنڌي ادب جي تاريخ ۾ مرزا صاحب جو نالو هميشه عزت ۽ احترام سان ورتو ويندو.

سوال
جواب

## ڪلهوڙن جو دؤر: سنڌي ادب جو سونهري دؤر

ڪلهوڙن جو دؤر سنڌي ادب ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪيو هن دؤر ۾ سنڌي ادب تمام گهڻي ترقيا ڪئي ۽ هن دؤر ۾ تمام بهترين ۽ نالي وارا شاعر ٿي گذريا جن ۾ شاهه عبداللطيف، ميون شاهه عنايت رضوي محمد زمان لنواري وارو، محمد هاشم ٺٽوي شعر حقير، صاحب ڏنو فاروقي، روحل فقير ۽ ٻيا به شاعرن هن دؤر ۾ سنڌي ادب کي ترقي ڏياري هن دؤر ۾ عظيم ۾ اهڙا شاعر پيدا ٿيا جن سنڌي شاعري کي نيون صنفون ڏنيون ان هن صنف ۾ ڪافي يا وائي سينگار، مولود، مدح، مناجات، مناقبا ۽ معجزا غزل. هن دؤر ۾ ڪيترائي ڪتاب الف اشباع جي نظم مطابق لکيا ويا. هن دؤر ۾ سنڌي مرثيه لکڻ شروع ٿيا ۽ هن دؤر ۾ غزل جي شروعات ٿي فطرت نگاري ۽ منظر نگاري کي اهميت ڏني وئي.

هن دؤر جي ادب جو جائزو وٺڻ لاءِ ان کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

الف) مذهبي شاعري
ب) صوفيانه شاعري
ج) نيون صنفون

## (الف) مذهبي شاعري

هن دؤر ۾ نه رڳو صرف سنڌ ۾ سياست جي مرڪز پر مذهبي لحاظ کان به اهم هئي. هتي ڪيترائي ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکيا ويا. ان وقت سنڌي نثر جو باقاعده رواج نه هو تنهنڪري اهي ڪتاب الف اشباع جي قافيي واري نظم جي صورت ۾ لکيا ويا. ان وقت سنڌي جو رسم الخط اڃان ايجاد ڪونه ٿي هئي تنهنڪري اهي عربي رسم الخط ۾ لکيا ويا. انهن نظمن کي ڪبت نه چيو ويندو آهي. هن سلسلي جو پهريون ڪتاب "مقدمة الصلوٰة" مخدوم ابوالحسن ٺٽوي" لکيو جنهن ۾ نماز جا مسئلا آسان زبان ۾ سمجهايل آهن.

### مخدوم ابو الحسن ٺٽوي

مخدوم صاحب ٺٽي جو هڪ وڏو عالم هو ان وقت ڪيترائي هندو اسلام قبول ڪري رهيا هئا. جن کي اسلام جا بنيادي رڪن ۽ عبادت جا طريقا سمجهائڻ جي ضرورت هئي. مخدوم صاحب عربي رسم الخط ۾ اضافا ڪري سنڌي رسم الخط تيار ڪيو. هن جو ڪتاب مقدمة الصلوات مڪمل طرح سان منظم ڪتاب آهي جنهن ۾ نماز جي باري ۾ تفصيل سان سمجهايل آهي. مثال:

مٿي مون ٽن هٿڙا، نيتي ٺيان ڏيچ
ڪري ڪشادا ٻون آڱريون، مٿي ٻئي پچيچ
پورو مٿي پٺ سين، جوڙا جوڙ ڪريچ
جيئن رکيو پائي نه رڙهي، ان پرين جهليچ

سارا هيي سوڌيئي، سڀ جڏهن حرمان
مچليو مرتي مومن، آندا لوڻ ايمان

جولڳو رڪوع سجدي ۾ عره و بره ڪا
قدر شبع سيڪڙيا، لوڙي ٿي سرا

مخدوم هاشم ٺٽوي

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ديني تعليم ٺٽي ۾ حاصل ڪيائين مخدوم صاحب پنهنجي وقت جو جيد عالم هو سندس عربي ۽ فارسي ۽ سنڌي ۾ تقريبن 150 سو کن ڪتاب ڪيا جن ۾ عزائهن الاسلام، راحت المؤمنين، زاد الفقير مشهور آهن.

ايمان بالله تعالى جا، جوڙا سي فرض ٿيا
سڀ ياد رکو تن ٻي، سڀني سنجهان را
پهريون فرض ويساه وجود ڪري هو لي
ٻيو ايمان ان ڪريا ته آهي واجب الوجود

عربي آ جاڻن ٿي گهڻي ڏکي هوڙ
سنڌي ڪيم سمجهي جاه سگهي سڀڪو

مٿين عالم کان سواءِ ٻين به ڪيترن ئي عالمن
۾ سنڌي شاگردن مذهبي شاعري ڪئي ۽
مذهبي ڪتاب ڪيا انهن عالمن مان ڪيترن عالم
قاضي احمد آهن مولوي عبدالحق، مولوي محمد

حسين، مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي، مخدوم غلام محمد
بگائي، قاضي عبدالڪريم، ميون عيسو، مخدوم
عبدالله واعظ وغيره

## (ب) صوفيانه شاعري

ڪلهوڙن جي دور ۾ صوفيانه شاعري تمام اعليٰ درجي تي پهچي وئي. هن دور کي حقيقت ۾ صوفي شاعري جو دور چئجي ته بجا نه ٿيندو. تمام وڏا وڏا صوفي شاعر پيدا ٿيا، جن تمام وسيع جامع ۽ لازوال ڪلام ڏنو. صوفي شاعري گهڻو ڪري بيت ۾ ڪئي وئي. ان کان علاوه وائي کي به تصوف جي تعليم سمجهائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو. هن دور جي ڪجهه مکيه صوفي شاعرن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو.

شاهه عنايت رضوي

شاهه عنايت رضوي مغلن جي آخري دور ۽ ڪلهوڙن جي شروعاتي دور جو شاعر هو. شاهه عنايت، شاهه لطيف جي همعصر شاعرن ۾ سڀ کان وڌيڪ سو شعر چيو آهي. پاڻ فرمائين ٿا.

گلن جو گجرو، اٿر اوڀر پاسي
چاڪا ٿيل ٿليل سين، واسينگ ويڙهيائون
مٿي محبت پاڻ ۾، ڳڻين لاتائون
اوڙي پر عنايت چوي، راتو رانياتون
سو موتي عين ٻاهون، جو وڃي ڪاٿ ڦوريون

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي

شاهه صاحب سنڌ جو اهڙو باڪمال شاعر آهي جنهن کي دنيا جي وڏي شاعرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو مشرق توڙي مغرب جا عالم ۽ محقق، شاهه لطيف جي ڪلام جي تشريح ۽ تحقيق ۾ رڌل آهن علامه آءِ آءِ قاضي جي ٻڌايل اصولن مطابق شاهه سائينءَ کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر ثابت ڪيو آهي شاهه صاحب سڄي سنڌ گھمي ڦري پنهنجي شاعري ۾ انهن سڀني علائقن جي موضوعن کي شامل ڪيا ٿو شاهه صاحب جو ڪلام کي موضوع جي حساب جي لحاظ کان ٻن حصن ۾ ورهايون ويو آهي.

i) نيم تاريخي داستان

شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ کي مختلف سُرن ۾ ورهايو آهي ڄمڙوڪ عمر ماروي، سهڻي ميهار، نوري ڄام تماچي پنهنجا بيتن ۾ شامل ڪيو،

سهڻي ست ۾ مکڙي، چار ست ۽ چار
سارو ڏينهن شڪار، ڪينجھر ۾ ڪالهه

ii) صوفيانه نصيحت

شاهه صاحب داستان کي بيان ڪرڻ ڪانپوءِ ان مان ڪجهه نتيجا ڪڍي ٿو. انسان کي صوفيانه نصيحتون ڪري سڌي راهه ڏيکاري ٿو.

iii) مجازي شاعري ۽ فطرت نگاري

شاهه سائينءَ کي نوجوانيءَ ۾ مجاز جي محسير آئي هئي. جنهن هن کي بيچين ۽ بيقرار ڪري ڇڏيو. پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ واسطي شاهه سائين

سير سفر ڪيا هئائون ۽ ان سير و سياحت ۾ قدرت جا
ڪيئي منظر ڏٺا هئائون جن کي هيٺين لفظن ۾
بيان ڪيا هئائون:

سهڻين سڄڻ اپريا، چوراهي چنن
ياالله ريءَ پرين، سڀ اونداهي پائيدياٿن

خواجه محمد زمان لنواري وارو

هي بزرگ نقشبنديه جي سلسلي جو جوهر ۽ شاهه
لطيف جو همعصر هو. شاهه صاحب کي ساڻس
گهڻي عقيدت هوندي هئي. روايت موجب هڪ
شاهه سائين مريد ٿيڻ جي ارادي سان وٽس
ويو پر صرف ان ڪري مريد نه ٿيو جو نقشبندي
جي سلسلي ۾ راڳ جي منع ٿيل آهي. فرمائيندو
هون ٿي ڏنا ماءُ، جنين ڏٺو پرين کي
تنين سندي ڳالهه، ڪري سگهان نه ڪا لوڪ

## ب) نئون مضمون

هن دور ۾ ادب جي ايتري ترقي ٿي ۽ ايترا شاعر
پيدا ٿيا. جو انهن سنڌي شاعري کي ڪافي
نئون مضمون ڏنئون انهن مضمون جو مختصر
احوال هيٺ ڏجي ٿو:

1) ڪافي پاوائي

ڪافي جي صنف ڪلهوڙن جي دور کان پهرين
موجود هئي. پر باقاعده نموني ڪلهوڙن جي
دور ۾ هن کي ملي ٿو اثر ۽ ان کي ڪافي جي
لاڙ ۾ ان کي وائي چيو ويو ٿو.

شاهه صاحب جي وائي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو

آءُ رانا رهه رات
سهڻي چانگي کي چڱن چاريان
رانيان ڏينهان روح ۾ تن تو ڏسين ٿي ڪان
سهڻي چانگي کي چڱن چاريان
وڃي ست نهاريان، اچين ٿي پرڀات
سهڻي چانگي کي چڱن چاريان

٢) سينگار

شاعري ۾ هن صنف ۾ محبوب جي هار سينگار ۽ جمال جي تعريف ڪئي ويندي آهي. ماهر هو جي جي سينگار جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

چهرو گل گلاب جان، اکيون ٻه اعليٰ پرين
پسي لعل دلبر جو، مکڙو ڪيو مهتاب
حسن پيا وسن وڏا، ماهر ڄڃي صاف
ظاهر ڪيو زلف، اچي ڪوڙ عجيب جي

٣) مولود ~~هن~~

هن جي لغوي معنيٰ آهي ٿيو ڄاول ٻار، هن صنف ۾ حضور ڪريم جي تعريف ۽ ثنا بيان ڪئي ويندي آهي. مخدوم عبدالرحيم ۽ علي محمد ٽڪاڻي هن دور ۾ علم عروض جي مطابق مولود جوڙڻ شروع ڪيا.

٤) مناجات

هن صنف ۾ شاعر ڌڻي جي درگاهه ۾ ٻاڏائي سوال ڪندو آهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جي اصحابين سڳورن کان ٻ سوال ڪندو آهي. هن صنف

ٻيو مشهور محمود عبدالله عرف ميان مٺو آهي. ان
کان علاوه ميان سرفراز ڪلهوڙي جو هي شعر
رباعي گهڻو مشهور آهي.

بسم الله تڪ الله، محمد شاه عربيا پرين لوءِ
منهنجو درگاهه ڪيو آءُ، مٺي اهه رسين لوءِ
دل جام، سن غلام سنڌو سوال ٻيو لوءِ

٥) غزل

غزل جو بنياد به هن ئي دور ۾ پيو. جنهن اڳين ڪلام
گهڻي ترقي ڪئي. غزل جا اوائلي شاعر مرزا تقي
۽ نور محمد خسته آهن.

نثر

ڪلهوڙن جو دور سنڌي ادب جو سونهري
دور آهي جيڪو مٿين ڏنل دليلن ۽ نالي وارن
شاعرن ۽ اديبن جي محنت سان هن دور
۾ سنڌي ادب کي ترقي ڏياري.

سوال ۴

جواب (الف)

As rains ~~are~~ is related to weather, same as tears are related to emotions. Rains can be based on weather are without weather. It is easy to differentiate. But tears from eyes is hard to understand because human is suffering from various difficulties If ~~the~~ tears of eyes have colors on the basis of emotions, feelings and problem sometimes eyes ~~gives~~ would have colored tears ~~sometimes~~.

(ب)

اڄ مون کي احساس ٿيو ته مان ڪاتل آهيان منهنجي
تڪليف کي ماري ڇڏيو. مان هڪ ديوانو آهيان،
بي رحمي سان منهنجي معصوم احساس کي
ڇيپاڻيو اٿم مان هڪ ڀوت آهيان جنهن هڪ
خوبصورت مخلوق کي ان جي پيءُ اشنا کان الڳ
ختم ڪري ڇڏيو. اڄ مون اتفاقي طور هڪ فنڪار
سان ملاقات ٿي، جيڪو ڪافي عرصي کان سنجيدو
اندر ۾ ويٺل هو، مون کيس پاڻ جهڙو لاچار
ڦيٿيءَ ڀٽڪي رکيو ۽ پاڻ بي رحمي سان ڦاسايو.
مان هڪ فنڪار، ستار يا ڪهاڻيڪار ٿيان ها.
جيڪڏهن مان پنهنجي دل کي بند ڪري ڇڏيان ها
پنهنجو آواز ٻڌان ها، مان پاڻ کان لڪندو رهيس

پر خوشقسمتي سان مون کي توهان ٻه ڪتاب "ايڪيهين
صدي" ۽ عورتون" مليا ۽ ڪجهه ڪهاڻيون پڙهيون.
مان توهان جي ڪتابن کان متاثر ٿيس. ان ڪانپوءِ
مون پاڻ کي ڪافي پريشان ۽ حيران ٿي ويو. ڇاڪاڻ
ته مون محسوس ڪيو مون وٽ به ساڳي تڪليف
آهي، پر مون ڪڏهن به پنهنجي دل کي ظاهر ڪرڻ
جو موقعو نه ڏنو. مان ٿڪل هوندا، توهان ۽ توهان
جي ڪم مون کي حوصلا ڏني ۽ منهنجي اندر جي
دنيا ۾ روشني لاءِ منهنجي اکين کي کوليو.

سوال: افسانو ڇا آهي

جواب: افسانو هڪ ننڍي ڪهاڻي يا ننڍو قصو آهي جيڪو اڌ ڪلاڪ يا هڪ ڪلاڪ ۾ پڙهي پورو ڪري سگهجي ٿو. پر شرط اهو آهي ته اهو سڄو تاثر رکندڙ هجي. زندگيءَ جي ڪنهن به رخ ۾ هڪ ئي ٻي افسانو ظاهر ڪري ٿو بهرحال افسانو انساني ڪردارن جو اثرائتو عڪس ۽ تذڪرو آهي 1947ع کان اڳ جو سنڌي افسانو جيتوڻيڪ معيار ۾ سٺو هو. پر تعداد ۾ ٿورو هو سنڌي ۾ پهريون افسانو راءِ ڏياچ (1649ع) ۾ لکيو ويو. مطلب ته هن صنف جا آثار ڪافي پهريان جي دور کان مليا ٿا. پر جديد سنڌي افساني جي شروعات 1915ع کان ڪئي وئي ٿيا.

## افساني جون خني خوبيون

1) ~~افسانو~~ انساني زندگيءَ جي ڪنهن به پاسي ن مان ڪنهن به هڪ واقعي تي خاص بنياد رکيو ويو آهي افساني ۾ هڪ مکيه خاص واقعو

2) اهم ڪيو ويندو آهي جهڙا سان بيان ٿيل ننڍا واقعا به ٿيندا هئا.

3) افساني جي واقعن ۾ وقت جي پابندي ۾ هڪجهڙائي هجڻ ضروري آهي نه ته تضاد پيدا ٿيندو آهي

4) افساني جا ڪردار حقيقي انسان هوندا آهن

5) افساني ۾ انساني عمل ۽ ڪردار نگاري جو تقاضا هوندو آهي.

6) افساني جا جزا پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن ۽ ڪهاڻي پوري
سلسلي سان پهچي ختم ٿيڻ واري هجڻ ڏانهن
آهستي آهستي هلندا رهن ٿا.
ان ڪري لکجي ٿو هن صنف جي افاديت
۽ ضرورت بچاءُ ۽ وقت جي اختيار سبب هن
مختلف ملڪن ۾ هن نئين تحريڪ مقبوليت حاصل ڪئي
ورتي انگريزي طرح روس ۾ ڪالسٽاءِ ان جو بنياد
وڌو. هندوستان ۾ هندي ۽ اردو ۾ ڪيل
پريمچند جا افسانا تمام گهڻا مشهور ٿيا.